**سيما ابڙو**
سنڌي شعبو وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي

# سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جو مختصر جائزو

# SHORT ANALYSIS OF DIFFERENT DIALECTS OF SINDHI LANGUAGE

**ABSTRACT**

Sindhi is most ancient language in sub-continent. Its lexicographical and dialectical study is of unique importance in account of lingual analysis of Sindhi and other contemporary languages of Indo-Aryan family of languages of sub-continent. Sindhi language is known, spoken, explored and examined from the era of Indus Civilization. The study based on the research of dialects of Sindhi language is direly needed to examine on account of origin of language and its etymological studies. The various particular linguistic geographies of Sindhi language are of unique and great importance in the various fields of Sindhi linguistics. The research under question fulfills requirements of subjects noted above to some extents.

## پسمنظر

اسين جڏهن بہ دنيا ۾ ڳالهجندڙ مختلف ٻولين، انهن جي ادب، شعر شاعري ۽ لوڪ ڏاهپ تي غور ڪريون ٿا يا ڪنهن پنهنجي ڄاوَل ٻار کي هڪ ماءُ جي حيثيت يا پيءُ جي حيثيت ۾ ڏسون وائسيون ٿا ۽ اُن جي عين ڄمڻ جي وقت واري” رڙُ “ کان وٺي ٻن سالن تائين سندس اکين، هٿن، پيرن ۽ زبان جي اِشارن تِص غور ڪريون ٿا، تہ اسان جي ذهن ۾ هڪ خاڪو اُڀري ٿو، تہ اهو ٻار اشارن کان آوازن تائين مُجرد لفظن، لفظن کان پدن ۽ پدن کان جملن ۽ جملن کان ڪنهن مُڪمل خيال يا ڪهاڻيءَ جي اظهار تائين ڪئين پهچي ٿو؟ ساڳئي

ريت هڪ ٿي خاندان يا ماءُ پيءُ جي ڄاول سڀني ٻارن ۽ پيڙهين جي ڳالهايل لفظن، اشارن، آوازن ۽ جملن ۾ ڪيترو نہ اختلاف ۽ نراليت آهي .هر هڪ جو آواز ڳالهائڻ جي رفتار، انداز، طرز طريقو مختلف هوندو آهي .اڳتي هلي جڏهن اهي ٻار وڏا ٿين ٿا، تہ انهن جو لفظي ذخيرو، علمي صلاحيت، بيان جي سگهہ توڙي اظهار جي طريقي ۾ ڏينهن رات جو فرق نظر ايندو آهي .ساڳيو اصول يا ڍنگ ٻن ٻارن کان اڳتي وڌندو ٻن خاندانن، ٻن قبيلن، ٻن قومن ۽ ٻن نسلن ۾ ڪار فرما ٿيندي نظر اچي ٿو. ٻوليءَ نہ فقط ٻن ٻارن جي نرالي ۽ انفراديت جي حامل ٿيندي آهي، بلڪ اها نراليت ۽ انفراديت واري خوبي ٻن خاندانن، ٻن نسلن ۽ قوم تائين نظر اچي ٿي .ساڳئي نراليت ۽ انفراديت هڪ ٻار جي بلوغت، نوجواني، جواني، پوڙهائپ ۽ جهور پوڙهائپ تائين هلندي رهي ٿي .آئون ٻوليءَ جي ارتقاءُ جي علم جي مطالعي ڪانپوءِ ان نتيجي تي پهتي آهيان، تہ ٻوليءَ يا ٻولين جي ارتقاءُ جي مطالعي جا ٽلهي ليکي ٻہ پاسا يا پس منظر ٻيهن ٿا.

### (الف )ٻوليءَ جي ارتقاءُ جو عُمودي مطالعو :

ٻوليءَ جي ارتقاءُ جي انهيءَ نقطہ نظر موجب اُن جو مطالعو هڪ تہ عمر وار (Age-wise) ڪيو ويندو آهي يعني هڪ ٻار جي ٻوليءَ پيدائش کان وٺي ٻاروتڻ، بالغجڻ، جوان ٿيڻ ۽ پوڙهائپ تائين اشارن کان آوازن، آوازن کان لفظن، لفظن کان پَدن، پَدن کان جملن، جُملن کان هڪ مُڪمل خيال يا ورتاءُ تائين ڪهڙي رنگ ۽ ڍنگ سان سفر طئي ڪري ٿي .اُن جي اظهار ۽ لفظي ذخيري ۾ درجيوار ڪهڙي نموني ترقي ٿئي ٿي؟ ٻوليءَ جي ارتقاءُ جو اهو پَهلو فردي يا شخصي ٻوليءَ جي ارتقاءُ وارو آهي.

### (ب) ٻوليءَ جي ارتقاءُ جو نسلي پهلو:

انهيءَ نقطہ نظر موجب ڪنهن بہ هڪ ٻوليءَ يا ٻولين جو تاريخ يا زماني جي مُختلف دئورن ۾ نسلي ۽ خانداني يا قومي واڌ ويجهہ مطابق اُن جو جائزو ورتو ويندو آهي .اُن ۾ اهو ڏٺو ويندو آهي، تہ ڪنهن هڪ قوم يا نسل جي ٻولي تاريخ جي مختلف دورن، زمانن ۽ جڳن ڪهڙي رنگ ۽ ڍنگ سان وڌندي ويجهندي ٻوليءَ جي موجوده شڪل تائين پهتي آهي .مثال طور سنڌي ٻولي پٿر

جي دئور ۾ ڪيئن ڳالهائبي هُئي؟ لوهہ جي دئور ۾ ڪيئن ڳالهائبي هُئي؟ سون جي دئور ۾ ڪيئن ڳالهائي ويندي هُئي؟ موجوده ٽيڪنالاجيءَ واري دئور ۾ ڪيئن ڳالهائي ويندي آهي.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ارتقاءُ جون وقت يا زماني جي لحاظ کان يا مڪان يا لساني جاگرافيءَ جي لحاظ کان اهي تفاوتون ئي اڳتي هلي ان جا لهجا شمار ڪيون وينديون آهن. جڏهن اهي لهجا پنهنجي پنهنجي پختگي جي عمر تائين پهچندا آهن، تہ اهي ننڍين ننڍين ڪچين ٻولين جو روپ ڌاريندا آهن. انهن پختن لهجن يا ڪچين ٻولين کي انهن جي لاڳاپيل ماءُ ٻولي جون ڏيٽر ٻوليون چئبو آهي. ان ڪري اسين پنهنجي مضمون ۾ سڀ کان پهرئين لهجي جي وصف ۽ ان کان پوءِ سنڌي ٻولي جي لهجن جو تعداد پڻ بيان ڪريون ٿا.

## لهجو ڇا آهي؟

” لهجو“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي. (1)

ان جي لغوي معنيٰ آهي، زبان جي نوڪ، زبان جو انداز تڪلم، طرز سخن، ٻوليءَ جو مقامي جهيلار، ڪنهن مخصوص علائقي جي ڀاشا.“ (2)

لهجو ٻولي جي واڌ ويجهہ جو وسيلو ٿئي ٿو. ڪنهن بہ ٻولي کي وسعت ان لهجا ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿا .ان جو مثال ائين چئجي تہ ٻولي هڪ وڻ مثل آهي ۽ ان جون ٽاريون لهجا ٿين ٿا ، جيڪي ٽاري ٽاري سان ملي ڦٽندا رهن ٿا . تنهن ڪري هر هڪ لهجو هڪٻئي سان ويجهڙائي جي ڪري بہ يڪسانيت رکن ٿا، ۽ هڪ لهجو ٻئي لهجي کان نرالو پڻ ٿئي ٿو. جنهن ۾ لفظن جي ادائگي، لفظن جو اُچار، جهيلار ، معنوي اچار ۽ ادائگي وغيره شامل ٿين ٿا . لهجي جي وڏي خصوصيت اتان جي ثقافتي ۽ سماجي عڪاسي ڪندڙ ٿئي ٿو . لهجو ئي اها سڃاڻپ ڪرائي ٿو تہ آيا هي ڪٿان؟ ۽ ڪٿي ڳالهايو وڃي ٿو. لهجي کي ٻڌڻ شرط اها پت ڪري سگهجي ٿي تہ هي ڪهڙي علائقي ۾ ڳالهايو ويندو آهي.

مٿي ڏنل لغوي تشريح کي ذهن ۾ رکندي ائين چئبو تہ ڪنهن بہ ٻولي جي مقامي سطح تي ننڍين ننڍين تفاوتن ۾ وسندڙ ماڻهن ڪن خاص قبيلن يا ڪن خاص شهرن جي جداگانہ ۽ منفرد اندازِ تڪلم کي لهجو چئبو آهي.

## سنڌي ٻوليءَ جا لهجا :

سنڌي ٻوليءَ جي جڳ مشهور عالم، اديب، ماهر لسانيات ۽ لُغت نويس ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪُل لڳ ڀڳ اڌ صديءَ جي محنت ڪانپوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ مڪمل ۽ جامع لُغت پهرئين پنجن جلدن ۾ ۽ ان ڪانپوءِ اُن سڌاريل ۽ سنواريل ڇاپو سن 2004ع ۾ ڪُل ٽن جلدن ۾" نئين جامع سنڌي لُغت "جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو .اُن ۾ پاڻ سموري سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۽ لساني جاگرافين مان لفظ چونڊي گڏ ڪرايا، جيڪو هڪ قسم جو فيلڊ ورڪ هو. تحقيق ۾ فيلڊ ورڪ (Field Work) تحت حاصل ڪيل نتيجن جي وڏي اهميت ٿيندي آهي .اهڙي قسم جي تحقيق کي اطلاقي تحقيق يعني تجرباتي تحقيق (Applied Research) چئبو آهي .ان قسم جي تحقيق جا معيار تمام اعليٰ قسم جا ڄاڻايا ويندا آهن . ڊاڪٽر صاحب جامع سنڌي لُغت جي لفظي ذخيري کي اُن جي محاورن يا لهجن مطابق ڪُل اَٺ لهجن ۾ ورهائي ٿو جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

### اُترادي لهجو يا اُتر جي ٻولي:

اُن ۾ سکر، جيڪب آباد، شڪارپور، خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي ٻولي شامل آهي .

### لاڙي لهجو يا لاڙ جي ٻولي:

اُن ۾ خاص ڪري حيدرآباد ضلعي جي ڏاکڻي ڀاڱي ۽ اُن سان لاڳو ٺٽي ۽ ٿرپارڪر ضلعن وارن ڀاڱن جي ٻولي شامل آهي.

### ڪوهستاني يا ڪاڇي وارو لهجو يا ٻولي:

اُن ۾ سنڌ جي الهندي ڪوهستاني ايراضي ۽ اُن سان لاڳو اوپر طرف (سنڌ ماٿريءَ جي وٽ واري ٻولي) خصوصا دادو ضلعي جي الهندين ڪوهستاني سرحد ۽ اُن سان لاڳو هيٺ سنڌ واري ايراضيءَ جي ٻولي.

### ٿري لهجو يا ٻولي:

اُن ۾ ٿرپارڪر ضلعي جي مٺي، ڏيپلي، ننگرپارڪر ۽ ڇاڇري تعلق جي ٻولي شامل آهي.

**ڍاٽ يا ڍٽ جو لهجو يا ٻولي:**

اُن ۾ ٿرپارڪر جي خاص ڍٽ واري ڀاڱن جي ڍاٽڪي ٻولي شامل آهي.

**ڪاري جو لهجو يا ٻولي:**

اُن ۾ ٺٽي ضلعي جي خاص ڪري سمنڊ جي ڪناري واري ايراضيءَ جي ٻولي شامل آهي.

**ڪوهستاني ـ لاسي لهجو يا ٻولي:**

اُن ۾ سنڌ ۽ لس ٻيلي جي سرحد واري ڪوهستاني ايراضيءَ جي ۽ لس ٻيلي جي ٻولي شامل آهي.

**ڪڇي لهجو يا ٻولي:**

اُن ۾ ڪڇ رياست جي جتڪي ۽ ڪڇي محاورن واري سنڌي ٻولي شامل آهي.

**معياري لهجو يا ٻولي:**

اُن ۾ حيدرآباد لڳ ساهتي پرڳڻي واري ٻوليءَ جو محاورو شامل آهي. (3)

سنڌي ٻوليءَ جي لهجن تي ڪو تفصيلي ڪم نہ ٿي سگهيو آهي .البت هن اهم موضوع جي اپٽار جي ڪم جو سهرو بہ ٻين ڪيترن ڪمن وانگر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي شخصيت ڏانهن وڃي ٿو . ڊاڪٽر صاحب پهرئين ڀيري سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ ۾ پنهنجي ايا مڪاريءَ جي دوران هڪ رٿا تيار ڪئي، جنهن تحت طئي ڪيو ويو تہ سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۽ پڻ سنڌ سان لاڳاپيل ٻين صوبائي علائقن ۾ سنڌي ٻولي جيئن ڳالهائي وڃي ٿي، تئين ان جي مطالعي جي شروعات ڪئي وڃي .ان رٿا موجب هيٺين ٻارهن موضوعن مطابق ٻولين جا مطالعا ڪيا ويا.

سبي جي ٻولي
ڪڇي – ناڙي ٻولي
اتر – ايرندي سرحد واري ٻولي) ماٿيلي ۽ اوٻاوڙي جي ٻولي(
ٿري – ڍاٽڪي ٻولي

ڪاڇي جي ٻولي
اتراڏي ٻولي
لاڙي ٻولي
ڪڇي سنڌي ٻولي
لاسي ۽ ڪوهستاني ٻولي
ڪاري جي ٻولي
ڪن خاص شهرن جي ٻولي
ڪن خاص قبيلن جي ٻولي (4)

ان ڪان علاوه ان موضوع تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ڪتاب" ٻيلاين جا ٻول " (5) جنهن ۾ لس ٻيلي جي سنڌي محاوري جو لساني خصوصيتون بيان ڪيون ويون آهن ۽ محمد سومار شيخ جو ڪتاب" ڪڇين جا قول "(6) بہ آهي. جنهن ۾ ڪڇ جي سنڌي محاوري جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

"ڪي ٻوليون اهڙيون آهن, جيڪي مختلف علائقن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون . ڪي وري اهڙيون آهن .جيڪي فقط هڪ ملڪ يا علائقي ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون . ڪي وري قبيلن ۽ گروهن جون ٻوليون آهن . جيڪا ٻولي مختلف ملڪن يا هڪ ئي ملڪ جي مختلف علائقن ڳالهائي وڃي ٿي .ان ۾ علائقن جي لحاظ ڪان ٿورو گهڻو فرق ٿئي ٿو .انهيءَ ڪري چوندا آهن تہ

'' ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي ."

ساڳئي ٻولي جي جدا جدا محاورن جي مقامي شڪل کي" لهجو "چئبو آهي .

ڪي عالم انهن کي" محاورا" يا "اپڀاشائون " پڻ چوندا آهن .

ملڪ جا مختلف ڀاڱا وري ڪن ٻين ملڪن وارن ڀاڱن سان دنگئي هوندا آهن .انهيءَ ڪري انهن ڀاڱن جي لهجن تي پاڙيسري ٻولين جو اثر لازمي هوندو آهن . انهن مان هڪ لهجي کي معياري لهجو قرار ڏنو ويندو آهي .ان ۾ ئي تعليمي ۽ درسي ڪتاب لکيا ويندا آهن .جنهن سان ان جي يڪسانيت ۽ مرڪزيت قائم رهندي آهي. (5)

## حوالا:

1. ابوسليم، عصمت، المنجد ( اردو ترجمو) ، مڪتبہ دانيال لاهور، ص. 995
2. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، نئين جامع سنڌي لُغات، جلد پهريون2004 ع، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
3. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، نئين جامع سنڌي لُغات، جلد پهريون2004 ع، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو) مقدمي جو صفحو "هہ"
4. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان) مقدمو (شڪارپور جي ٻولي) ميمڻ ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي،1993 ع، ڇاپو پهريون، سنڌي ٻُوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد .ص1 ـ ۽ .2.
5. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان، ٻيلاين جا ٻول، سنڌي ٻولي جو با اختيار ادارو، حيدر آباد
6. شيخ، محمد سومار، ڪڇين جا قول، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ.
7. ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي، شڪارپور جي ٻولي، ڇاپو پهريون،1993 ع، سنڌي ٻُوليءَ جو با اختيار ادارو، حيدرآباد .ص17 ـ، 18.